# ٩. پَنجَڪڙا

## پڙهو، سمجهو ۽ ڳايو.




لڳايون گهر گهر ۾ اچ باغَ،
وڌايون ميون ڀاڄين کي،
گهٽايون اَنَ جي گهرجُن کي؛
مِٽايون محتاجيءَ جا داغ،
لڳايون گهر گهر ۾ اَچُ باغ.



صفائيِ سيوا هِڪُ وردانُ؛
نہ ڏسِجنِ ڪِچرنِ جاڪِتِ ڍير،
بِيماريون پَوِيان ڪنديوُن پير؛
هوا، جَلُ شُڌِ، بَدَنُ ٻَلوانُ،
صفائيِ سيوا هڪ وَرِدانُ.



ٻَچايون ڌيءُ، پڙهايون ڌيءُ،
سنڀالي وٺندي گهرُ سنسارُ؛
جڳت ٿي پوندو باغ بَهارُ،
سڀيئي چوندس ’جڳُ جڳُ جيءُ‘،
ٻچايون ڌيءُ، پڙهايون ڌيءُ.



بچايون اَڄُ بِجلي ۽ پاڻي،
ضرورت سڀ کي جن جي آهہ،
جِيوُن سڀ هِڪِ ٻئي جي لاءِ،
هنڌايون وڌڙن جي واٽي،
بچايون اَڄ بِجلي ۽ پاڻي.

**نوان لفظ:**

| | | |
|---|---|---|
| مِتايون = دور ڪريون، | محتاجي = موتاجي، | وردان = ڏات |
| پير ڪرڻ = پٺتي موٽڻ، | جڳت = سنسار، | باغ بهار ٿيڻ =خوش ٿيڻ، |
| جُڳ جُڳ جِيئڻ = سدا سلامت رهڻ. | | |

## اَڀياس

**سوال ١: هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جُملن ۾ لکو.**

١. ميوا ڀاڄيون وڌائڻ لاءِ ڇا ڪَرڻ گهرجي؟
٢. بيماريون ڀويان پير ڪڏهن ڪنديون؟
٣. بدن ٻلوان رکڻ لاءِ ڇا ضروري آهي؟
٤. جڳت باغ بهارُ ڪڏهن ٿي سگهندو؟

**سوال٢: هيٺين سوالن جا جواب ٿوري ۾ لکو.**

١. شاعر باغ لڳائڻ لاءِ ڇو ٿو چوي؟
٢. صفائيءَ کي وردان ڪيئن ثابت ڪري سگهبو؟
٣. ڏيئرن کي ٻچائڻ ۽ پڙهائڻ ڇو ضروري آهي؟

**سوال٣: بيت جي آڌار تي سِٽون پوريون ڪريو:**

١. وڌايون ................................................................................. گهُرجُن کي.
٢. هِوا، جل ................................................................................. هڪ وردانُ.
٣. سنڀالي وٺندي ................................................................................. باغ بَهارُ.

**سوال٤: بيت جي آڌار تي خال ڀريو:**

١. متايون ................ جا داغ.
٢. ................ پويان ڪنديون پيرَ
٣. ٻچايون ڏيءُ، پڙهايون ................ .

**سوال٥: ڏنل لفظن جا هم آوازي لفظ ڳولهي لکو:**

١. لڳايون، باغ، وردانُ، ڏير، سنسار.
٢. ’س‘ سان شروع ٿيندڙ تي لفظ ڳولهي لکو.

LXL1TE

## پورڪ اَڀياس

**(١) شعر - بند تي عملي ڪم:**

صفائي سيوا هڪ وردان ................................................................ ٻچايون ڏيءُ، پڙهايون ڏيءُ.

**(i) هيٺ ڏنل سٽن جو نثري روپ لکو :-**

١) بيماريون پويان ڪنديون پير
٢) جڳت تي پوندو باغ بهار

(ii) ”صفائي سيوا هڪ وردان“ بابت پنهنجا ويچار لکو.

(iii) ’وردان‘ لفظ جا اَکر ڪم آڻي نوان لفظ ٺاهيو

١) ---------- (پُڇ سان لاڳاپو رکندڙ)

٢) ---------- (دروازو)

٣) ---------- (گهوٽ)

۴) ---------- (مٿي تي موجود)

(iv) ’بچايون ڌيءُ، پڙهايون ڌيءُ‘.

جو آڌار وٺي هيٺ ڏنل جملن لاءِ برئڪيٽ ۾ صحيح / غلط لکو

١) ڌيءُ گهر سنسار سنڀاليندي آهي. (          )

٢) ڌيءَ هڪ بوجهه آهي. (          )

٣) ڌيءَ جمڻ تي، خوشيون ملهائڻ گهرجن. (          )

۴) ڌيءَ پڙهائڻ سان تعليم جو ڦهلاءُ ٿئي ٿو. (          )

(٢) بيٽي بچائو بيٽي پڙهائو‘ ڪاريڪرم هيٺ سرڪار پاران ڌيئرن لاءِ ڪهڙيون سهوليتون ميسر ڪيون ويون آهن. نيٽ ذريعي ڄاڻ حاصل ڪري لکو.

(٣) ”وڻن مان فائدا“ اِن وشيه تي مضمون لکو.

(۴) چِٽر ڏسو. ڄاڻيو. چرچا ڪريو ۽ ٻڌايو تہ صحيح آهن يا غلط:-

چِٽر ۾ ڏنل چوڪنڊي ۾ ✓ يا ✗ لکو.

